ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# سومرن جي دور جي ويراڳي شاعري "گنان"

# DEVOTIONAL POETRY OF THE SOOMRA PERIOD "GINAN"

**Dr. Noor Afroz Khowaja,**
Chairperson, Department of Sindhi, University of Sindh

**ABSTRACT**

The word "GINAN" originally is derived from the word "GIYAN" of the Sanskrit language which means knowledge and wisdom. It is a kind of mystic poetry which since 11th century to 18th century had been composed in various local languages e.g. Sindhi, Punjabi, Seraiki, Hindi etc by the Ismaili Pirs. Pir Dastgir Noor, who came to India under the orders of 18th Ismaili Imam: Mustansar Billah (1035-94) for preaching the Ismaili way of religion. He did preach in Sindh, Gujrat, Katihawar, Punjab and Siraiki Belt. The poetry he composed came to know as "GINAN SHARIF". According to Dr. Ghulam Ali Allana: 'Ginan is a kind of poetry, which was used by the Ismaili pirs as source of preaching and teaching the Islamic canons to their new Muslim disciples'. GINAN has got religious significance and is still prevailing in the Agha khan society of the sub continent, where it is being recited in the "Jamait Kahnas" on the daily basis.

بنيادي طرح لفظ "گنان" سنسڪرت لفظ "گيان" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڄاڻ ۽ علم. علي آساڻي جي نظر ۾ گنان لفظ سنسڪرت زبان جي لفظ "جنانہ" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "علم يا حڪمت" (1) ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ موجب "گنان، گيان لفظ مان نڪتو آهي، جنهن مان مراد آهي تہ "اهو نصيحت وارو علم ۽ ڪلام، جيڪو اسماعيلي داعين ۽ پيرن پنهنجي نومسلم مريدن کي، اسلام جا اصول سيکارڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ منظوم صورت ۾ يعني شاعريءَ واري صنف ۾ بيان ڪيو آهي". (2) ڊاڪٽر نبي بخش



خان بلوچ بہ "گنان" لفظ کي "گيان" لفظ جي بدليل صورت بيان ڪئي آهي. (3) پروفيسر محرم خان "گنان" لفظ عربي زبان جي لفظ "غنہ" جي بدليل صورت چيو آهي "غنہ" لفظ جي معنيٰ آهي، "سرسان ڳائڻ"، يعني اهو ڪلام جيڪو ڳائي سگهجي يعني سرائتا فقرا" ڊاڪٽر غلام علي الانا هتي گنان لفظ جي معنيٰ ۽ ٻوليءَ جي ارتقا تي سوچيندي هيئن لکيو آهي تہ:

> آئون انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ جيئن گنانن جو واسطو ڳائڻ سان آهي، انهيءَ ڪري گنان لفظ جو اصل ڌاتو "گنائڻ" مان نهيو آهي، جيئن "گُن گنائڻ" هي دراصل واديءَ سنڌ جي قديم زبان جو لفظ "گنائڻ" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، جهونگارڻ، "ٻين لفظن ۾ سُر سان ڳائڻ.(3)

گنان، پاڪ و هند بلڪ سڄي دنيا ۾ اسماعيلي آغا خاني خواجہ جماعت ۾ مذهبي ڪلام طور تي رائج آهي، جيڪو روزانہ جماعت خانن ۾ ڳايو يا پڙهيو ويندو آهي. اسماعيلي جماعت پنهنجي انهيءَ روحاني طريقي يا ورثي "گنان" کي صدين کان وٺي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ڪري محفوظ پئي ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ اسماعيلي جماعت اهو پنهنجو ورثو سنڀالي رکيو آهي.

گنان، اهو منظوم صوفياڻو ۽ ويدانتي ڪلام آهي، جيڪو يارهين صدي عيسويءَ کان وٺي ارڙهين صدي عيسويءَ تائين ڌار ڌار دورن ۾، ڌار ڌار پيرن، مختلف مقامي ٻولين ۾ جهڙوڪ: هندي، سنڌي، پنجابي، سرائڪي، ڪڇي، گجراتي ٻولين ۾ منظوم ڪري، نون اسماعيلي مسلمان مريدن کي ڏنو. انهيءَ ڪري تہ جيئن اهي پنهنجي نئين مذهب، اسلام جا اصول،ان جي تعليمات، ان جون سمجهاڻيون ۽ ڪريا ڪرم جا طور طريقا،بندگيءَ جا طريقا، اصول، راز ۽ رمزون سندن ئي مقامي زبانن ۾ آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ انهن کي ياد ڪري سگهن ۽ پنهنجي ايندڙ نسل تائين پهچائي سگهن. انهيءَ ڪري اسماعيلي جماعتي طريقي ۾ گنانن کي مذهبي حيثيت حاصل رهي آهي. جنهن ۾ ديني تعليم سان گڏ مذهبي تصوف ۽ ويدانت جي تعليم پڻ ڏنل آهي. جيئن ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

> گنان ديني تعليم سان گڏ تصوف ۽ ويدانيت جي تعليم تي مشتمل، مختلف موضوعن ۽ مضمونن سان ڀريل اهو منظوم، علمي ۽ ادبي، اخلاقي ۽ ناصحاڻو خزانو آهي،

> جنھن ۾ اسماعيلي داعين، درويشن، پيرن، سيدن نہ فقط تصوف ۽ ويدانت جا ويچار ونديا آهن، پر انهن ۾ سندن زماني جي معاشرتي، انسان شناسيءَ جون اونهيون ڳالهيون، اخلاقي قدر جون چڱايون، ان وقت جي عام ماڻهن کي عربي ۽ فارسي ٻولين جي بدران سندن مقامي ۽ مادري ٻولين سنڌي، ڪڇي، گجراتي، هندي، سرائيڪي، پنجابي ۽ پوربي ٻولين ۾ مقامي تمثيلن، تشبيهن، استعارن،ڪناين ۽ علامتن جي مدد سان سمجهايون آهن.(6)

اسماعيلي فڪر يا عقيدي جي مذهبي ادب ۾ گنان کي اهم مقام حاصل آهي. هي "گناني علم" اسماعيلي عقيدي رکڻ وارن پيرن ۽ داعين کي ورثي ۾ مليو آهي. هيءُ هڪ اهڙو قيمتي خزانو آهي، جو اسماعيلين لاءِ اخلاقي، روحاني ۽ علمي ترقيءَ جو ڪارڻ ثابت ٿيو آهي.

پير يا سيد جيڪي "گنان" چون ٿا، اهي امام جي طرفان مقرر نمائندا هوندا آهن. انهن کي اهو حق صرف امام ئي ڏئي سگهي ٿو، ڪوبہ ماڻهو پاڻ کي پير جو لقب ڏيئي نٿو سگهي. اهو لقب بہ امام ئي ڏيندو آهي. هن عقيدي موجب گُرُ پيرَ کان وڌيڪ ڪوبہ صحيح رهبر يا رهنما نہ هوندو آهي. انهيءَ ڪري پير جيڪو بہ ارشاد ڪندو ان تي احترام سان عمل ڪيو ويندو.

### گنانن جي شروعات

تاريخي لحاظ کان گنانن جي شروعات تمام آڳاٽي ۽ پراڻي آهي، ۽ آڳاٽي ۾ آڳاٽا گنان. 1079ع 462ھ ۾پير ستگرنور جا چيل ملن ٿا. پير ستگر نور، مصر جي فاطمي خليفي ۽ اسماعيلين جي ارڙهين امام سيدنا مستنصربالله (1035ع 427ھ کان 1094ع 487ھ) جي طرفان هندستان ۾ اسماعيلي طريقي جي تبليغ لاءِ موڪليو ويو. هن سنڌ، گجرات، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ پنجاب جي سرائڪي پٽي ۾ اسماعيلي تبليغ لاءِ پرچار ڪيو. پير ستگر نور پنهنجن مريدن لاءِ اسلامي تعليم جون ڳالهيون ۽ نقطا، واديءَ سنڌ جي مقامي زبانن ۽ خاص ڪري مريدن جي سندن مادري ٻولين ۾ شعر جي روپ ۾ منظوم ڪيا، جنهن کي "گنان شريف" سڏيائون. پير صاحب کان پوءِ آيل سيني پيرن ۽ داعين بہ پنهنجي هن منظوم ڪلام کي "گنان شريف" سڏيو ۽ اهو نالو اڄ بہ قائم آهي. اهو ڪلام هر دور ۾ اسماعيلي جماعت ۾ باقاعدگيءَ سان جماعت خانن ۾ سندن عبادت واري وقت يا مذهبي ڪريا ڪرمن ۽ ٻين موقعن تي ڳڏ پڙهيو ويندو آهي.



پير ستگرنور جنهن زماني ۾ سنڌ ۾ آيو، تنهن زماني ۾ سومرن جي حڪومت کي ستر سال گذري چڪا هئا. سنڌ ۾ سومرن جي اسماعيلي حڪومت 1010ع 401ھ کان شروع ٿي هئي. يقينن پير ستگر جي اچڻ تائين سنڌ، پنجاب، گجرات ۽ ڪڇ ۾ ٻيا پير آيا هوندا يا داعي آيا هوندا، پر اجا تائين انهن جي باري ۾ ڪا بہ اهڙي صحيح معلومات نہ ملي سگهي آهي سومرا جيئن تہ اسماعيلي هئا، انهيءَ ڪري هن دور ۾ پيرن کي اسماعيلي دعوت جي سلسلي جو ڪم ڪرڻ جو وڌيڪ موقعو مليو. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکن ٿا تہ:

> سنڌ ۾ منصوره ۾ (1010ع 401ھ) ۾ اسماعيلي حڪومت جي بنياد پوڻ کان اڳ ملتان ۾ اسماعيلي حڪومت هئي، جنهن کي محمود غزنوي (1010ع) ۾ ختم ڪيو هو. ملتان ۾ اسماعيلي حڪومت جي ختم ٿيڻ شرط مصر جي فاطمي خليفي ۽ امام سيدنا الحاڪم بامرالله (1020ع) سنڌ جي سومرن جي سردار ابن سومر راجپال کي "شيخ" جو خطاب ڏئي، سنڌ ۾ اسماعيلي جماعت جو سردار مقرر ڪيو ۽ ڪيس سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ همٿايو. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾سومرن جي حڪومت جو بنياد رکيو ويو.(7)

حالانڪ سنڌ ۾ اسماعيلي فڪر جي داعين جي اچڻ جا ثبوت اسماعيلي عقيدي جي يارهين امام سيدنا عبدالله المهدي (882ع کان 934) جي امامت جي دور ۾ بہ ملن ٿا. "عمان ۾ بحرين جي اسماعيلين جي سنڌ ۾ آمدرفت جي ڪري اڪثر علائقن ۾ اسماعيلي تحريڪ ڦهلجي ويئي هئي"(8) منصوره ۾ گهٽي تعداد ۾ ماڻهن اسماعيلي دعوت قبول ڪئي هئي. ليڪن سومرن جي دور ۾ سپ کان پهرين پنهنجن نو مسلم مريدن کي مادري زبان ۾ جيڪو منظوم ڪلام ڏنو، اهو پير ستگر نور هو. ان کان پوءِ پير صدرالدين، پير شمس، پير حسن ڪبيرالدين، پير امام بيگم، پير فاضل شاهہ، پير تاج الدين، سيد گل مالي شاهہ، سيد محمد شاهہ، سيد قطب الدين، سيد صالح شاهہ، سيد هاشم شاهہ ۽ سيد امام شاهہ جي گنانن جا مسودا بہ موجود آهن ۽ گنانن ۾ شاعر طور انهن جا نالا بہ آيل آهن مثال طور: پٽي پير صدرالدين، ڪهيت امام بيگم، ٻوليا پير حسين شاهہ، پير حسن جي وينتي وغيره.

سنڌي رسم الخط ۽ گجراتي ۾ محدود تعداد ۾ گنانن جا مسودا اسماعيلين وٽ ڇپيل موجود هئا. اهڙا ڇپيل يا قلمي نسخا جماعت جي چند فردن

جي ذاتي لائبريرين ۽ برٽش لائبريري ۾ موجود آهن. هاڻي جيئن تہ گنان کي هندي، سنڌي، ڪڇي، گجراتي، سرائڪي ۽ پنجابي زبانن ۾ قديم صنف طور قبول ڪيو ويو آهي ۽ پڙهايو وڃي ٿو، انهيءَ ڪري اسماعيليہ طريقا بورڊ گنانن کي اردو، سنڌي ۽ گجراتي رسم الخط ۾ معنيٰ سان شايع ڪندو رهي ٿو.

عربي، سنڌي، رسم الخط ۾ گنانن کي پهريون دفعو سنڌ جي وڏي عالم، اسڪالر، اديب، نثر نويس، ناول نويس، ڊراما نگار، افسانہ نگار، نقاد ۽ شاعر مرزا قليچ بيگ 1922ع ۾ پنهنجي تحقيق، "تحفہ اسماعيليہ" ۾، اسماعيلي فرقي جي طريقي جي تاريخ ۾ مثالن ۽ دليلن طور لکيو آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مخدوم طالب الموليٰ، محترم غلام محمد گرامي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ پروفيسر محرم خان وغيره بہ گنانن جي باري ۾ لکيو آهي.

شروعاتي گنان پيڳتن ۽ عام ماڻهن کي برزبان ياد هوندا هئا. اهي پيڳت گنانن کي ياد ڪري، جماعت جي مختلف مجلس، محفلن ۾موقعي جي مناسبت سان سُر ۾ پڙهندا هئا. اهو سلسلو نسل درنسل هلندو رهيو. بقول ڊاڪٽر غلام علي الانا جي تہ: "امڪان آهي تہ جڏهن پير صدرالدين پنهنجي چاليهہ اکري جي صورتخطي تيار ڪئي، انهيءَ وقت کان اهي گنان جيڪي پيڳتن کي ياد هئا، ان صورتخطيءَ ۾ تحرير ڪري محفوظ ڪيا وياهجن." (9)

### گنان جي اهميت

اسماعيلي آغا خاني جماعت دراصل هڪ عالمي جماعت جي حيثيت رکي ٿي. هيءَ جماعت دنيا جي هر حصي ۾ آباد آهي، هيءَ جماعت پنهنجي طريقي ۽ مذهبي زندگيءَ ۾ گنانن کي اها ئي اهميت ڏئي ٿي جيڪا مولانا روميءَ جي مثنويءَ کي آهي يا شاهہ لطيف جي بيتن کي ۽ ساميءَ جي سلوڪن ۽ سچل سائينءَ جي ڪلام کي حاصل آهي. هن جماعت وٽ گنانن کي مقدس حيثيت حاصل آهي، انهيءَ ڪري هن جماعت ۾ پيرن ۽ سيدن، داعين جي ڪلام کي ادب و احترام سان ڏسن ٿا، پڙهن ٿا ۽ گنان شريف سڏين ٿا ۽ گنان پڙهڻ وقت جماعت بلڪل خاموشي ۽ احترام سان اکيون بند ڪري ٻڌن ٿا. گنانن جو علم حڪمت ۽ دانائيءَ جو منفرد ۽ انمول خزانو آهي. گنانن ۾ اسلام ۽ اسماعيلي فريقي جي تعليم کان سواءِ انسان شناسيءَ جا مختلف قدر، روزانہ زندگيءَ جي رهنما اصولن کي، تمثيلن، اشارن، ڪناين ۽ علامتن جي مدد سان سمجهايو ويو آهي.

گنانن ۾ ادبي ۽ شاعريءَ جي لحاظ کان بيشمار لفظي ۽ معنوي خوبيون



نظر اچن ٿيون. گنانن ۾ جتي شاعريءَ جي لحاظ کان اعليٰ تخيل، محاڪات، منظرنگاري، واقع نگاري ۽ سيرت نگاريءَ جهڙيون خوبيون نظر اچن ٿيون، اتي حسن بياني، لفظي ۽ معنوي صنعتن جو استعمال بہ ڪثرت سان نظر اچي ٿو. گنانن ۾ تشبيهون، استعارا، علامتون ۽ تمثيلون، تجنيس حرفي، تجنيس تام، تجنيس خطي، صنعت جهڙيون صفتون موجود آهن.

تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ تمثيلن لاءِ پکي، جانور، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گل، ڪاريگر، ڏنڌا وغيره جاندارن جي عادتن، انسانن جي نفسيات ۽ ڪيفيت، ناوَ، مڇي، جل (پاڻي) درياهہ، پوئڻ، خوشبو"، شينهن، هنجهہ، ٻگهہ، مومن، منافق، هاري، وڻجارو، موتي، تور جا ماپ، ڍڳا، چنڊ تارا، جواني، ٻڍاپو، پدمڻي، هستڻي، چيتڻي، ڪامڻي وغيره جي مدد سان بيان ڪيون آهن مثال طور:

جل بن مڇلي، سوپيا بن ڪيون رهيوي،

يا

جل بن مڇلي هوئي اڪيلي

پيرن چڱي ۽ بري انسان جي فطرت جو مثال ڏيندي هيئن لکيو آهي:

ٻگهہ هنس ٻي پتونتڻا، ڏيسي ايڪج رنگ،
ٻگهہ چڻي من ماڻيون، اني هنس موتي چڻي ري

يا

مانسرو ور مان موتي رتن چپي اپار،
تي ماهين هنسلا موتي چڻي.

پيرن گنانن ۾ پتنگ جي سچي پريم کي بيان ڪندي لکيو آهي تہ:

پتنگ روشنيءَ جو ڪوڏيو آهي جيستائين پاڻ نہ جلائيندو، تيستائين آرام نہ ايندس،

ساچي ري پريت پتنگ ڪي ڪهئي ري
جو اُلٽ الٽ ڪر انگ ديت هي.
ايڪ ديپڪ ڪيري ڪارڻي، ڪئي پتنگ جيو دي

يا

پيرن سُئي جو مثال ڏيندي، انسان کي نصيحت ڪئي آهي تہ اگر توکي سچائيءَ جي رستي تي هلڻو آهي تہ ائين هل، جيئن سُئي ڪپڙي مان لنگهي ٿي.

ست کيري پاوڙئين
ويران پائي ايئون چلو ري
جيون سئي ڪپڙي ڏاڳا.

پير مرشد جي ديدار حاصل ڪرڻ لاءِ مرشد کي آزيون، نيزاريون ۽ منٿون ٿو ڪري ته:

اگر چندن ني ڪوٺڙي، سئقل رچيا ڪماڙ
تارا ڏيڏا چي پريم نا، سائيان ڪولڻ آءِ
هون ري درشن بنا ٻاوري

ائين ستگر، گُر، ناٿ، سامي، جوڳي، جڳيسر، جوت، جاپ، ڪلجڳ وغيره علامتون به استعمال ڪيون ويون آهن. مثال طور:

سامي مارا جي. هريا سو هريا اني سو ڪاپي هريا،
جو هووي نظر تمهاريا جي،
يا
جوڳ ڪامرم ڪوئي نه ڄاڻي،
جوڳ ڪا مرم جڳسير ڄاڻي.
يا
ڪلجڳ ڪوڙ ڪپٽ جڙيا،
يا شاهه ست سيتي پار اڪارو جي.

انهيءَ کان علاوه پير آسان زبان استعمال ڪري پنهنجي دور جي ماڻهن جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن جي نقاب ڪشائي ڪئي آهي. مثال طور: انتظار، فراق، وصال، ميلاپ، پياس، تڙپ، صبر، شڪر، محبت، نفرت جهڙين ڪيفيتن کي عورت جي روپ ۾ بيان ڪيو آهي. برصغير جي ٻين شاعرن وانگر پيرن به پاڻ کي عورت جي روپ ۾ طالب تي پيش ڪيو آهي ۽ پنهنجي مطلوب سان ملڻ لاءِ آهون پريون ۽ آزيون نيزاريون ڪيون آهن. اهڙيون ڪيفيتون گنانن ۾ گهڻيون ملن ٿيون.

هون ري پياسي، تيري درشن ڪي،
يا



اونچاري ڪوٽ، ڀهون ويچنا،
نيچي وهي دريا،
هون ري دريا، ونتي ماڇلي،
سانئيان تارڻ هار.

پيرن جي ڪلام ۾ جتي خيالن جي بلندي، فڪر جي گهرائي گهري سوچ ۽ منظر نگاري ملي ٿي، اتي طالب جي نفسياتي ڪيفيتن جا مثال پڻ ملن ٿا.

ڪچي ماپي مئيندڙا يار، ڪوڙي تولي ڏين،
هيءَ تنين جي وڪرڙي، ٻڏي سا سائين

سڻ وڻجارا هو يار هي من هريئڙو ٿو جهولي

پڪي ماپي مئيندڙا يار، پوري تولي ڏين،
هيءَ تنين جي وکرڙي يار، صحيح سلامت نين
سڻ وڻجارا هو يار هي من هريئڙو ٿو جهولي

يا پير هينئر به فرمائي ٿو

تون وڻجارو ميدني يار، ڪونا تو اڏائين،
صحيح سنيورو ساٿڙو يار، ساٿ نه سنيارئين.
کهڙيون اڏائين گڏ ماڙيون يار، ڪيڙا پائيئين چٽ،
نيهي ڏريندي ڏوڙ ۾، متان لتون تي ڏيندي مٽ
سڻ وڻجارا هو يار هي من هريئڙو ٿو جهولي
تانگهي متي ترهو يار، تاٽي تو نه ٻڏو،
جڏين ني لهرين لوڙيو يار، تڏهين تو سنيارئين
سڻ وڻجارا هو يار هي من هريئڙو ٿو جهولي

انهيءَ کان علاوه پير پنهنجن گنانن ۾ پنهنجن مريدن کي گهڻي پيار پريل ۽ محبت وارن لفظن سان مخاطب ڪيو آهي. اهي به ڪثرت سان ملن ٿا، مثال طور: مومن، مومنو، پائي، ويران، پائي، رکيسرو وغيره مثال طور:

جيري ويرا هنساتي مان سورور ري يا شاهه
جيري بهائي، پهلوري نام صاحب جو وڏو ليجئي

يا

مومن من ايٽو جاٽجو جي،
تمهين ڪايامَ ڪرشو اپيمان ري.
هو جيري مارا هنسا،
ڪرٽي ڪماوو تو رب جين سوراچو.
چار پهور رهيٽي ڪوئي پريا نور ڪي آئي ري،
تجهه ڪارڻ حوران، سهاڳڻ،
آئي ري تون جاڳ جاڳ مورا پائي ري.

مطلب ته ادبي زبان جي لحاظ کان پيرن جي گنانن ۾ بيشمار لسانياتي، ادبي، شاعراڻيون خصوصيتون موجود آهن ان کان علاوه پيرن جون گنانن ۾ ڪيتريون ئي اڳڪٿيون ۽ پيشنگويون ڪيل ملن ٿيون. مثال طور: اهڙو وقت ايندو جڏهن اناج جا ذخيرا سڪي ويندا، درياهن مان پاڻي سڪي ويندو، ان وقت عورت پنهنجن ٻارن کي روئندو ڇڏي ويندي، پيءُ پٽ جو جهيڙو ٿيندو، ماءُ، ڌيءَ هڪٻئي جون پهاج هونديون، پاڻي پئسن تي وڪامندو، اتي، تيلهين ۾ ٻڏبو، سس پاڻي پريندي ۽ ننهن ڪٽ تي ويهي ڪائيندي اهو سڀ ڪلجڳ هوندو ۽ جڏهن قيامت نزديڪ هوندي تيستائين دنيا مان قول، سخاوت، صبر، شڪر، انصاف، رحمدلي، رحمت، عدل، محبت، شروحيا علم ختم ٿي ويندا. عالم ڪو ڪو هوندو. عالم کي ڪابه عزت ڪونه هوندي. صرف ريشمي ڪپڙي، لباس ۽ پئسي کي اهميت هوندي وغيره ملن ٿيون. اسان وٽ جيئن ماموئي فقيرن ۽ ڳرهوڙي صاحب جون اڳڪٿيون به مشهور آهن تيئن پيرن ۽ سيدن جون به مشهور آهن.

### گنانن جا قسم

پيرن گنانن کي موضوعن، مضمونن، ڏينهن، وقتن ۽ گهڙين کان علاوه ثقافتي سرگرمين جي مطابق پڙهڻ جي خيال کان گنانن جي جدا جدا صنفن تي جدا جدا نالا رکيا آهن. اهي صنفون هن ريت آهن.

آرتي، چوگڙيا، وينتي، ست ويٽي، ست ورٽي، گربي، دس اوتار، سلوڪ، انت آڪاڙو، سه حرفي، سؤ ڪريا ۽ جهولڻا. گنانن ۾ هڪ ڊگها گنان آهن ۽ ٻيا ننڍا،



ڊگهن گنانن کي گرنٿ چيو وڃي ٿو. جڏهن ته ننڍن گنانن کي صرف گنان، گرنٿ يا طويل گنانن ۾ اضافي شعر به هوندا آهن، جن کي ويل به چون ٿا. هن جا ٻه قسم جا آهن، ننڍي ويل ۽ وڏي ويل. گنانن جي هرهڪ بند کي پاره چئبو آهي. پير ستگر نور دوهن سورٺن جي هيئت ۽ وزن تي گنان جوڙيا پر سپني پيرن جي گنانن جي هيئت يا ساخت هڪ جهڙي ڪونهي. داعي پير شمس (1165ع 560هه کان 1276ع 675هه) جيڪو بابا فريد گنج شڪر، شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني ۽ قلندر شهباز سيوهاڻي جو هم عصر هو، پنهنجي شاعريءَ ۾ دوها سورٺا ۽ وظيفا جوڙيا آهن. مثال طور:

يا شاهه حق تون، پاڪ تون، دانا تون، بينا تون،
اول تون، آخر تون، ظاهر تون، باطن تون.

يا

يا شاهه! اتر، پورب، دکشڻ، پشچم
چار ڏسيون، چار اوڏسيون
چار ڪاٽيون، چار واٽيون
چار ڪتاب، چار ڪلپ
چار جڳ، چار ويد
حق سچا، هئي زنده.

اهڙي سٽا کي ماڌو لال شاهه حسين جي ڪلام جي مجموعي ۾ "سلوڪ" سڏيو ويو ۽ خود پيرن به گنان ۾ اهڙي طرز کي "سلوڪ" سڏيو آهي. سلوڪ ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن، "ننڍا سلوڪ" ۽ "وڏا سلوڪ." گنانن جي گهاڙيٽن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پير شمس پنهنجن گنانن جي ساخت ۾ تبديلي ڪئي. پاڻ دوهن ۽ سورٺن جي هيئت کي تبديل ڪري علم موسيقي جي صنف "ڪافي" کي اپنايو ۽ راڳ ۽ راڳڻين جي طرز کي اختيار ڪيو. جيئن ڪافي جي صنف ۾ مطلع واري مصرع کي هربند کان پوءِ دهرايو ويندو آهي. پير شمس پنهنجي ڪلام ۾ اها ئي طرز اختيار ڪئي. سندس لکيل سرائڪي ۽ پنجابي زبانن ۾ گنانن ۾ اهائي طرز اختيار ڪيل آهي. مثال طور:

نانگو تو آئيو، نانگو تون وئيسي،
ڪرگن وٽج ويچار، اي سپاڳا.

هم دل خالق الله سو هي وسي جي،
جيٽي قائم قدرت چلائي، اي پي الله

يا

من ميرا مصليٰ الله ميرا قاضي،
ڪايا هميري مسيتا، اي پي الله

پير شمس کان پوءِ پير صدرالدين، ساڳيو ڪافيءَ وارو گهاڙيٽو پنهنجن گنانن لاءِ اختيار ڪيو، پير صدرالدين جوهر گنان ڪافيءَ جي طرز تي چيل آهي. سندس هر گنان جي، هر بند کان پوءِ ٿلهه واري مصرع وراٽي طور دهرائي ويندي آهي. انهيءَ ڪري سندس گنانن جي گهاڙيٽي جي باري ۾ ماهرن جو اهو رايو آهي ته اُهي ڪافيءَ جي صنفن سان هڪجهڙائي رکن ٿا. جنهن جي گهاڙيٽي جو مدار علم موسيقيءَ واري طرز تي ٻڌل آهي. مطلب ته گنان علم موسيقيءَ جي طرز موجب، مختلف راڳن ۽ راڳڻين جي سر يا ڏار تي جوڙيا ويا آهن، جيڪي اسماعيلي پير، مريدن جي ثقافت ۽ انهن جي رائج راڳ ۽ راڳڻين جي سرن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ جماعت ۾، اجتماعن ۽ مجلسن ۾ وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ وقت، سرن ۾ گنان پڙهندا هئا ۽ انهن جي معنيٰ به سمجهائيندا هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، پنهنجي ڪتاب "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ۾ به ان ڳالهه کي بيان ڪيو آهي ته:

پيرن سنگيت وديا جي طرز تي پنهنجو ڪلام يعني گنانن کي سُر سان پڙهڻ جو رواج وڌو.(10)

گنانن جي گهاڙيٽن تي تحقيق ڪندڙ عالمن گنانن کي "ويراڳي يا عارفانه راڳ" Devotional Music چيو آهي. هر صوفيانه راڳ يا عارفانه راڳ کي ويراڳي راڳ چئبو آهي. برصغير جا گهڻا ئي نامور سينگيتڪار به گنانن کي ويراڳي راڳ سڏين ٿا. ويراڳي راڳ جي محفل ۾ شرڪت ڪندڙ مرد توڙي عورتون، راڳ جي سُر ۽ لئي تي ايتري قدر ته محو ٿي ويندا آهن جو انهن کي اهڙين محفلن ۾ پنهنجو هوش نه رهندو آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ ۾ ئي گم ٿي ويندا آهن.

گنانن جي ساخت ۽ هئيت، سنگيت وديا جي علم سان واسطو رکي ٿي. انهيءَ ڪري گنانن کي سمجهڻ وارا ۽ تحقيق ڪرڻ وارا سنگيت وديا جي علم جا ڄاڻو ئي هوندا آهن، انهيءَ ڪري هو گنانن جي راڳ کي سمجهي سگهيا آهن.



سندن خيال ۾ گنان هنن راڳن ۽ راڳڻين تي چيل آهي.

سُر آسا، سُر جوڳ، سُر بسنت، سُر پهاڙي، سُر پرڀاتي، سُر پيروي، سُر مانجهه، سُر مالڪوَنس، سُر تلنگ، سُر رامڪلي، سُر ڌناسري، سُر جئي جئي وينتي ۽ جهولڻا.

ايئن ئي جدا جدا گنان ڌار ڌار وقتن، مهلن، گهڙين، ڏينهن ۽ موقعن جي مناسبت سان خاص يا مخصوص سُرن ۽ راڳڻين ۾ جماعت خاني يا جماعت جي ڪنهن ٻئي گڏجاڻي ۾ سڀ ملي پڙهندا آهن، جنهن سان محفل ۾ روحاني رنگ پيدا ٿيندو آهي. اهي گنان مختلف وقتن مثال طور: سج لهڻ واري گهڙي، مغرب جي وقت، فجر جي وقت، جمعرات جي ڏينهن جو جدا گنان، حضور صعلم جي پيدائش جو گنان، امام جي سالگرهه، مولا علي جو جنم ڏينهن، عيد غدير وغيره يا امام جي فرمان اچڻ وقت، امام جي آمد جي وقت، مري ويلن جي روحاني مجلس جي وقت وغيره جا جدا جدا گنان آهن جيڪي انهن موقعن جي مطابق پڙهيا ويندا آهن.

## گنان جا موضوع

اڳ ۾ ذڪر اچي چڪو آهي ته سومرن جي دور ۾ سن 1079ع 462هه ۾ اسماعيلي داعين مان، سڀ کان پهرين، پير ستگر نور اهو داعي هو جنهن پنهنجن نون اسماعيلي مريدن لاءِ، سندن مادري زبان ۾ اسلام جا اصول ۽ اسلام جي سکيا لاءِ نثر ۾ وظيفا ۽ شعري دوهن ۽ سورٺن ۾اسلام جي تعليم جا مضمون گنانن ۾ منظوم ڪيا. انهيءَ لاءِ ته جيئن عام ماڻهو انهن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ ياد ڪري سگهن، ڳائي يا پڙهي سگهن. مثال طور: پير ستگر نور جو اسلامي تعليم جي سلسلي ۾ هن گنان آهي.

پهلا نام الله ڪا ليجئي، دوجا محمد ڪا ڪيجيئي
ساچا نام نبي ڪهلا وي، تب شاهه ڪا درشن پاوي.

پيرن پنهنجن گنانن ۾ توحيد جو سبق پڻ سيکاريو آهي.

جو ڄاڻو الله، پڇانئي، تو پهلي آپ پڇاڻ،
جو ڪڇ هي پچانتا، وه سب تجهه مانهين ڄاڻ.

هن گنان ۾ اهو سبق سيکاريل آهي ته، خدا انسان جي اندر ۾ موجود آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن الله پاڪ کي سڃاڻڻ چاهين ٿو ته پهرين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ ۽ جيڪي ڪجهه تون ڄاڻڻ چاهين ٿو ته اهو سڀ تون پنهنجو پاڻ ۾ ڄاڻ. ٻين لفظن ۾ تون پنهنجو پاڻ وڃائي ته تون الله کي سڃاڻي سگهين ٿو، چو ته وجود وڃائڻ کان

سواءِ منزل حاصل نٿي ڪري سگهجي. جيئن لکيل آهي ته "من عرف نفسه، فقد عرف ربه، جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن رب کي سڃاتو. رب ته انسان جي اندر ۾ وسي ٿو. مثال طور جيئن شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

شاهه سائين اهو به سيکاريو آهي ته "وڃين ڇو وڻڪار هت نه ڳولهين هوت کي"

توحيد جي انهيءَ عقيدي جو مطلب ئي اهو آهي ته سڄي خدائيءَ جي تخليق ۾ روحانيت سمايل آهي. انهيءَ نظريي تحت اسين سڀ الله تعاليٰ جي هستيءَ ۾ سمايل آهيون ۽ اهو ئي مالڪ اسان جي دلين ۾ وسي ٿو. حديث شريف آهي ته، "قلب المؤمنون، بيت الله"، يعني مومن جي دل الله جو گهر آهي. گنان شريف ۾ پير صدرالدين فرمائي ٿو ته:

الله ايک خصم سبهوڪا، دنيا اسڪي ساري،
اوبچل نام خداوند پڙهين، اور سڀ مٿيا ڪيري پاري.

الله پاڪ جي ذات ئي اها هستي آهي، جنهن تي سيني شين جو انحصار آهي ۽ سڄي دنيا هن جي ئي تخليق آهي. سندس نالو دائمي آهي ۽ باقي سڀ نيستي ڪان سواءِ ڪجهه به ڪونهي". اهڙيءَ طرح حضور صلعم کي الله جو سچو نبي ڄاڻائيندي پير صدرالدين فرمائي ٿو ته:

الله هڪ ڄاڻو سرجهڻار، محمد ڄاڻو الله جو نبي،
نبي ڪان پوءِ صاحب امامت، سچو ڄاڻجو مرتضيٰ علي.

سنڌ جي صوفي بزرگن ۽ ويدانتي شاعرن جي ڪلام وانگر گنانن ۾ به انسان ۽ انسان شناسيءَ جي ڳالهين ۽ قدرن جا نقطا سمجهايل آهن. گنان صوفياڻن نقطن، خيالن، ويدانتي ويچارن، اخلاقي ۽ ناصحاڻين ڳالهين سان ڀريل آهن. اهو ئي سبب آهي جو پير ستگر نور جنهن طريقي يا پنٿ جو پرچار ڪيو، ان کي "ست پنٿي" يعني صراط المستقيم جو نالو ڏنائين.

پيرن گنانن ۾ الله تعاليٰ جي عبادت سچي دل سان ڪرڻ، مالڪ سان سچي محبت ڪرڻ يا سچو عشق ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا. انسان جيڪڏهن مالڪ کي سچي دل، سچي نيت سان دل جي سچائي سان ياد ڪري ٿو ته سندس عبادت



قبول پوندي آهي. جيئن پير فرمائي ٿو ته:

جيڙو ني تيڙو اگهيو يارا، هوند ڪتيائون،
پوءِ صبحاڻي سرتين وچ ملي مرڪيائون.

جيئن شاهه سائين فرمائي ٿو:

محبت رکي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهايو.

پير فرمائي ٿو ته جن سائينءَ کي پوڄيو آهي، الله جي سچي دل سان عبادت ڪئي آهي، الله سان سچو عشق رکيو آهي، اهي دنيا جي خوف ۽ خطرن سان مقابلو ڪري سگهن ٿا. هو توبهه زاري جي برڪت سان طوفانن مان به سلامتيءَ سان پار اڪري وڃن ٿا. هو توڪل جي آڌار تي اونهي مان اڪري وڃن ٿا. انهن کي وچ سير ۾ ڪنهن ماهر سڪانيءَ جا هٿ اچي رسن ٿا. اها سڌ غواص کي ئي آهي ته سمنڊ ڪيئن سوجهجي. اهو تمام وڏو ۽ اونهو سمنڊ آهي، جنهن جي انتها تائين هرڪو نٿو پهچي سگهي، پر جيڪو پهچي وڃي ٿو اهو سچا ماڻڪ موتي ماڻي ٿو.

مها آگم سمندر کهاوي، تاکون ڪوئي پار نه جاوي
جو اس سمندر مان ڊبڪي کاوي، مرجيوا هوئي سوئي ماڻڪ لاوي.

پير گنانن ۾ انسان جي باطني ۽ اعليٰ ترين مقام ۽ معرفت کي حاصل ڪرڻ جو خود شناسيءَ ذريعي رستو ٻڌائين ٿا، جيڪو چئن منزلن طئي ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو. اهي چار منزلون آهن. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. سيد محمد شاهه انهن منزلن بابت هيئن ٿو فرمائي،

شريعت حق ڪري ڄاڻئين، تو ترت طريقت پائين،
حقيقت دل مانهين نقشئين، تو معرفت ملي جائيين.

مطلب ته شريعت تي عمل ڪيو ويندو ته طريقت جو درجو حاصل ٿيندو ۽ پنهنجي دل ۾ حقيقت جي تعليم کي نقش ڪيو ويندو ته معرفت جو درجو ماڻبو.

دل مانهين ديول پوڄئين، دل مانهين ديو دوار،
دل مانهين سائئيان آپ وسي، دل مانهين آپي ديدار.

مطلب ته خدا جي پوڄا دل ۾ ڪريو، ڇاڪاڻ ته دل ئي اهو دروازو آهي جيڪو خدا تائين وڃي ٿو. اهو خدا دل ۾ ئي رهي ٿو ۽ پنهنجو جلوو دل ۾ ئي ڏيکاري ٿو.

انهيءَ ڪري خود شناسي (پاڻ سڃاڻڻ) جو اهو درجو حاصل ٿيڻ ممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته انسان پاڻ ئي خدا جو ادنيٰ مظهر آهي ۽ پاڻ سڃاڻڻ جي نوعيت انسان ۾ ذڪر يا مراقبي جي ذريعي حاصل ٿئي ٿي، سيده امام بيگم لکي ٿي ته:

سڀ گهٽ ايڪج رحمان ڏيسي،
تو شاني، شاني، شان، اب تو رحم ڪروگي

پيرن جي گنانن ۾ الله جي عبادت ڪرڻ، الله جو خوف پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ سان گڏ پنهنجي نفسياتي خواهشن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار کي ترڪ ڪرڻ جي نصيحت فرمائي آهي.

مومن ڪلمه ڪهو دل ساچ سين، اور جوڻي بازي ڇوڙو،
مايا سي من دور ڪرو، تمهين پريت صاحب سين جوڙو.

مومن مورک نه هو، ايسا ڪهي پير ستگر نور،
ڪلمه ڪهه رسول ڪا، تو ديکهو نوري نور حضور.

يا

ڪاچي ڪايا، جوڻي مايا، بندا نهين چالي تيري ساٿ،
انتڪال جائيشي ايڪلا، بندا جائيشي خالي هاٿ،

پير گنانن ۾ سچن جواهرن کي ڇڏي ڪوڙن سان واپار ڪرڻ کان روڪي ٿو.

ماڻڪ چوڙي وجي ڪنچ وڻجن
تن ساڻ وڻج نه ڪيجئي، هو جيري ڀائي.

گنان ۾ دنيا کي فاني سمجهڻ، دنيا جي حرص ۽ حوص ۾ نه ڦاسڻ، دل صاف رکڻ، ڪوڙ ڪپت ۽ دولاب کان پاسو ڪرڻ، عبادت ۽ بندگي ڪرڻ ۽ الله جي عبادت سچي دل سان ۽ صاف نيت سان ڪرڻ جي تلقين جهڙا موضوع ڪثرت سان بيان ڪيل آهن.

پير فرمائين ٿا ته، انسان کي الله جي ذات ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ بهتر طريقوآهي ته ٻين سيني شين کي گهٽ ۽ بي بقا سمجهڻ گهرجي. خود انسان جيڪو ڄمڻ کان مرڻ تائين هن دنيا لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو، تنهن کي فاني ۽ بي بقا ڄاڻجي.

دنيا فاني ڄائين، ڪل جڳ ڏينهن چار،
ٻانا! هي لاڏاڻو ساٿ، الله ياد ڪريو.



هيءَ دنيا فاني آهي، هن جي هر شئي فنا ٿيڻ واري آهي. هيءَ دنيا ڪنهن کي نيبهه ٿيڻي ڪانهي، موت جو وقت مقرر آهي. پر انسان کي انهيءَ جي ڪل ئي ڪانه ٿي پوي. هن دنيا کي فلسفين هميشه رڄ يا پاڇي سان تشبيهه ڏني آهي. افلاطون به دنيا کي پاڇو چيو ۽ جرمن ڪانٽ زمان ۽ مڪان کي خارجي حقيقت نٿو سمجهي. تصوف ۽ ويدانت جي علمبردارن کي به هن دنيا ۾ رنگيني ۽ دلڪشي جي باوجود خواب، اوديا جو اڻ هوندو اسرار يا نوڙيءَ ۾ نانگ نظر آيو. انهيءَ موضوع کي پير صدالدين پنهنجي گنان ۾ هن ريت پيش ڪيو آهي.

ڪوٺا، منڊپ، ماڙيون، گهر، گهوڙا، پندار،
ڪنهن نه نيا پاڻ سين، يارا! جيوچلنتي وار.

پير ٻئي پاٽ ۾ نيئي فرمائي ٿو ته:

کهڙيون اڏائين گڊ ماڙيون، تنهن ۾ کهڙا پائين ڇٽ،
سيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾، مٿان لـــتون تـــي ڏيندءِ مـــٽ.

پير فرمائي ٿو ته:

جيري ويرا ڪاچي ڪايا، تينجو گرب نه هويار ڪيجئي،
ســو تـــو اڄ ڪـــالهه، ڊڙي دڙي پـُرشـــي ديــهه جـــي.

ڪـــاچي ڪـــاياني ڪـــوٽ مٽي دا
منٽڙي ماهين رڙي ڀهڙي جائيشي جي.

يعني: ”اي انسان تنهنجو جسم فاني آهي، انهيءَ تي غرور نه ڪر. هي جسم اڄ يا سڀاڻي ختم ٿي ويندءِ. هي ڪچي مٽيءَ جو ٺهيل انساني جسم ڪنهن به ڪم نه ايندءِ ۽ مٽي مٽيءَ ۾ ملي ويندي. جيڪڏهن نيڪ عمل ڪندين ته پوءِ توکي ڦيري ۾ ڦرڻو نه پوندو.“

ڪـــاچي ڪـــايـــا ني ڪـــوٽ مٽيءَ دا
مٽڙي مانهين رڙي ڀهڙي جائيشي جي

سيد امام شاهه پنهنجي گنان ۾ هن فاني دنيا ۽ فاني جسم لاءِ فرمائي ٿو ته، هي جسم ۽ دنيا جي محبت سڀ ڪوڙ آهن، ائين جيئن ڪو هوا کي مٺ ۾ بند ڪرڻ چاهيندو هجي، يا پاڻيءَ جا ڦوڪڻا. جن کي ڦاٽڻ ۾دير ئي نه لڳندي.

ڪايا مايا سروي جوڻي، جيسي وايو کي مني،
جيون پاڻي ڪاپر ڦوٽا، ڦوٽيٽان نه لاگـــي وار.

انهيءَ موضوع تي پير شمس هيئن ٿو فرمائي:

اي سياڳا!

اس دنيا وچ کيا گن آوي، کيا گن وئسي نال اي سياڳا.
نانگو تون آئيو، نانگو تون وئيسي. اي سياڳا!

پير گنانن ۾ الله جي بندگي ۽ ذڪر فڪر ۾ پاڻ کي فنا ڪرڻ ۽ غفلت ڇڏڻ ۽ ننڊ نياڳيءَ کي ترڪ ڪرڻ، راتين جاڳڻ سان مالڪ کي حاصل ڪرڻ بابت به فرمائين ٿا.

جاڳو جاڳو پايڙا، ريڻ وهاڻي،

يا ٻئي هنڌ هيئن فرمائين ٿا ته:

اٿي الله نه گهرين بنده، تون ستين سجي رات،
نڪا جهوري جيو جي، نڪو ثمر سات.
شاهه جو مجيڙو تنين کي، جيڪي صجڙي جاڳن
صجڙي نه جاڳيا، تنهن کي حورون نه انديون هٿ
سي هاءِ هاءِ ڪندا هٿ هڻندا، جيئن هاريءَ وڃائي وٿ.

يا

سِر ســاتا جــو ڪيجئي، ريڻــي جاڳيئي آپ،
جيو لڳائيي ذڪر سون، ڪو ساچا سريچن پاس

يا

اٿ بيٺ بنده تون ڪيون سوتا هي،
سو وڻ پلا نهين هوئي،
جاڳيتا صاحب سيڪو پاوي،
سوتا نهين پاوي ڪوئي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو ته:

ڪپاتيئن ڪــتيــو يارا، جڏهن ستو لــوڪ،
تنهين پنهنجوڪتي وڏو، ڳچيءَ ڳاڙهو ٽوڪ.

قيامت جي ڏينهن ٿيندڙ حساب ڪتاب جي سلسلي ۾ پير ماڻهن کي خبردار ڪندي فرمائين ٿا ته:

تل بار تلٽا، ڪني ڪي ڏار چلٽا،
ياشا جيوڪا ليڪا ڏيوٽا، ميري جيوي ڪون.



اهڙيءَ ريت گنانن ۾ زندگيءَ جي هر موضوع جي باري ۾ پيرن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي.مثال طور: حمد و ثنا، نعت رسول، منقبت، توحيد، وحدت الوجود، آخرت، نور، نيڪ اعمال، صراط المستقيم. ان کان سواءِ انسان ذات جي نفسيات ۽ جبلتي ڪيفيتن جهڙوڪ: سچائي، ايمانداري، توڪل، ذڪر، صبر، شڪر، وصال و فراق، وڇوڙو ۽ ميلاپ، اوسيئڙو ۽ انتظار، سک، پريت، تڙپ، خدمت، عشق محبت، مرد جو ڪردار، عورت جو روپ، عورت جي قرباني کي بيان ڪيو آهي.

مثال طور: پيرن گنانن ۾ صبر، شڪر، ذڪر، فڪر ۽ سچائيءَ بابت فرمايو آهي:

ايجهي ٿورا ماهين بهتج پائي، تمي ڪرو صبر وري، مومن پائي،
تمي ذڪر جي جاڳو جيوڙا، اني ست ني ڪرو ڪمائي.

يعني: اي مومن پائي، ٿوري کي گهڻو سمجهو، توهان صبر ڪريو، ذڪر ۾ جاڳندا رهو ۽ سچائيءَ جي ڪمائي ڪريو.

ٻئي هنڌ پير فرمائي ٿو ته: اٺ ئي پهر رب جو ذڪر ڪندا رهو.

هر دم ذڪريا ڪريا، صورت، سيرت ان پر ڌريا،
پير شاهه ڪا جاپ چپنا، اٺ جام لــيــل و نهــار.

اسماعيلي پيرن جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جي نظريي جو مواد تمام گهڻو ملي ٿو. جيئن پير صدرالدين فرمائي ٿو ته: جيئن اکين ۾ نُور، گل ۾ خوشبو"، کير ۾ مکڻ ۽ سج ۾ روشني پوشيده آهي، تيئن منهنجي رب جو وجود انسانن ۾ ۽ دنيا جي هين شين ۾ موجود آهي. مالڪ پنهنجا بي شمار روپ ڏيکاريا آهن. سندس وجود ذري ذري ۾ موجود آهي، هو ڪٿي ظاهري آهي ته ڪٿي باطن ڪٿي مالڪ آهي ته ڪٿي بنده جي روپ ۾، پير فرمائي ٿو ته:

روپ انوپ انيڪ دکاوي،
يانت يانت پيا بيڪ پراوي،
ان دونون مانهين وحديت کهٽي،
جاڪون دونون صفتون ڪو پهئي،

پيرن گنانن ۾ جاگرافي ڏِسيون، حدون، هنڌ ماڳ، مڪان، وقت جا نالا، جڳ، سيارن جا نالا، وٽج واپار، ماپ تور جا نالا وغيره پڻ بيان ڪيو آهي.

"ان کان علاوه پيرن پنهنجن گنانن ۾ ڪن سائنسي علمن جو به ذڪر ڪيو آهي. مثال طور: علم نباتات، علم ڪيميا، جاگرافي، علم الانسان، سورج

منڊل، چنڊ، ڌرتيءَ جو نظام، تخليق، آڪاش ۽ سيارن، گرهن جو نظام، انهن جا ڦيرا، جانورن، پکين ۽ جيتن جي فطرت، عادت، درگاهن، آستانن، مندرن، مڙهين جو ذڪر انهن ۾ گهڻي، ٻڌمت، هندومت، ڀڳتي ۽ ويدانت جو ذڪر ڪيو آهي."10

حاصل مطلب تہ گنان ۾ زندگيءَ جو هر پهلو مثال طور: الله تعاليٰ جو حاضر ناظر هجڻ، محمد صلعم الله جو سچو ۽ آخري نبي هجڻ، مولا علي امام هجڻ، پنجتن پاڪ، عشق، عبادت، حق جو رستو اختيار ڪرڻ، دنيا فاني هجڻ، دنيا جو لوڀ لالچ، نيڪي، صبر، شڪر، ننڊ ختم ڪرڻ، غفلت مان سجاڳ ٿيڻ، ڪوڙ نہ ڳالهائڻ، ڪوڙو يا ننگي وارو سودو نہ ڪرڻ، ايمانداري ۽ سچائي هجڻ صاف دل ۽ نيڪ نيتي هجڻ سان وڻج واپار ڪرڻ، جنت، دوزخ وغيره موضوعن بابت گنان ملن ٿا.

## حوالا


1. علي آساڻي مقالو: "اسماعيلي گنان و تصنيف تاليف پرغور و فڪر" ڊائجسٽ شماره 91 آڪٽوبر، 1998
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" پاڪستان اسٽڊي سينٽر 1997ع.
3. بلوچ، نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" پاڪستان اسٽڊي سينٽر، 1990ع
4. محرم خان، پروفيسر، "سنڌ جي اوائلي شاعري" مقالو، سماهي مهراڻ، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1969ع
5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "گنان شناسي ۽ گنان جو مطالعو" (اڻ ڇپيل)
6. حوالو نمبر 2
7. ايضا
8. ايضا
9. ايضا
10. حوالو نمبر 5
11. خواجہ نورافروز، ڊاڪٽر، "گنان" پائي پٽ ڪٽا، گنج بخش پبليڪيشن 2003.
12. گنان شريف ڀاڱو 1، 2، 3، 4 اسماعليہ طريقہ بورڊ ڪراچي.